**SOCIAL SCIENCE REVIEW ARCHIVES**
ISSN Online: 3006-4708
ISSN Print: 3006-4694
https://policyjournalofms.com

ٻولي:  سماجي عنصر، پاڻ مرادو اختيار ڪيل يا خالق جي عطا، هڪ تنقيدي جائزو.

# Language: A Social Element, Self-Acquired or a Divine Gift — A Critical Review

**Dr. Abdul Latif[1], Mumtaz Ali[2], Dr. Atiqullah Memon[3]**

[1] Assistant Professor of Sindhi Govt.Islamia Arts and Commerce College and Postgraduate Studies Centre Sukkur Sindh, Pakistan. ansariabdullateef@gmail.com
[2] Lecturer Department of English, Govt Islamia Arts & College & Post Graduate Studies Center, Sukkur, Sindh. meetmumtaz1996@gmail.com
[3] Associate Professor of Sindhi, Govt Makhdoom Abdul Rahman Shaheed Girls Degree College Gambat Sindh Pakistan, aadilqazi261@gmail.com

***DOI: https://doi.org/10.70670/sra.v3i2.1988***

## Abstract
This article presents a critical review of the nature of language, its origin, evolution, and social significance. According to the article, the word “language” is derived from “speech” (bol), which means sound. Every living being produces sounds in its own way, but human language is the most refined and meaningful. Through language, humans not only communicate with one another but also establish a connection with their Creator through praise, supplication, and devotion. From an Islamic perspective, language is a special gift from Allah, which began with Prophet Adam (peace be upon him) and reached its complete form in the Arabic language during the final stage of prophethood. The article further explains that the Arabic language holds a special status because it is the language of the Holy Qur’an. Due to its association with religious practices of Muslims across the world, it has had a global influence. Many languages, including Sindhi, show a strong impact of Arabic in terms of vocabulary, grammar, and script. At the same time, the antiquity of the Sindhi language and its original sounds give it a distinct identity. Language is described as an organized system of symbols, where sounds represent different objects, emotions, and ideas. These sounds and words create mental images and serve as an effective medium of communication. Language is a fundamental element of society; without it, human society cannot exist. Social relationships, trade, culture, and civilization are all interconnected through language. The article also sheds light on the evolution of languages, stating that new languages emerged over time from early dialects. Due to interaction, trade, migration, and cultural exchange, languages underwent changes and expansion. Some languages developed further because they were preserved in written form, while others disappeared over time. In conclusion, the article states that language is a fundamental pillar of human identity, culture, and society. It is not only a means of expression but also distinguishes humans from other creatures. According to Islamic teachings, language is a divine gift, whereas linguistics considers it a result of social and evolutionary processes, and an intellectual debate continues between these two perspectives.

خلاصو:

هي مقالو ٻوليءَ جي ماهيت، ان جي ابتدا، ارتقا ۽ سماجي حيثيت تي هڪ تنقيدي جائزو پيش ڪري ٿو. مقالي موجب ٻولي لفظ ”ٻول“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنى آواز آهي، ۽ هر جاندار پنهنجي مخصوص انداز ۾ آواز ڪڍي ٿو، پر انسان جي ٻولي سڀني کان وڌيڪ سڌريل ۽ بامقصد آهي. انسان، ٻوليءَ وسيلي نه رڳو هڪٻئي سان رابطو ڪري ٿو، پر پنهنجي خالق سان به حمد، ثنا، دعا ۽ مناجات ذريعي تعلق قائم ڪري ٿو. اسلامي نقطه نظر تحت ٻولي انسان لاءِ الله تعالى جي

خاص عطا آهي، جيڪا حضرت آدم عليه السلام کان شروع ٿي ۽ نبوت جي آخري مرحلي ۾ عربي ٻوليءَ جي صورت ۾ مڪمل نموني ظاهر ٿي.

مقالو اهو به واضح ڪري ٿو ته عربي ٻوليءَ کي خاص حيثيت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته اها قرآن پاڪ جي ٻولي آهي ۽ دنيا جي مختلف خطن ۾ مسلمانن جي مذهبي عملن سان جڙيل هجڻ سبب عالمي سطح تي اثرانداز رهي آهي. سنڌي سميت ڪيترين ئي ٻولين تي عربيءَ جو اثر نمايان آهي، جنهن ۾ لفظن، وياڪرڻ ۽ رسم الخط جا عنصر شامل آهن. ساڳئي وقت، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ ان جا اصلوڪا آواز ان کي هڪ الڳ سڃاڻپ ڏين ٿا.

ٻوليءَ کي علامتن جي هڪ منظم نظام طور بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ آواز مختلف شين، جذبن ۽ خيالن جا نمائندا هوندا آهن. اهي آواز ۽ لفظ انساني ذهن ۾ تصويرون پيدا ڪن ٿا ۽ رابطي جو مؤثر ذريعو بڻجن ٿا. ٻولي سماج جو بنيادي عنصر آهي، جنهن کان سواءِ انساني سماج جو وجود ناممڪن آهي. سماجي لاڳاپا، واپار، ثقافت ۽ تهذيب سڀ ٻوليءَ سان ڳنڍيل آهن.

مقالي ۾ ٻولين جي ارتقا تي به روشني وڌي وئي آهي، جنهن موجب شروعاتي لهجن مان وقت سان گڏ نيون ٻوليون وجود ۾ آيون. مختلف ٻولين جي ميلاپ، واپار، لڏپلاڻ ۽ تهذيبن جي رابطن سبب ٻولين ۾ تبديليون ۽ واڌارا ٿيا. ڪجهه ٻوليون لکت ۾ اچڻ سبب ترقي ڪنديون رهيون، جڏهن ته ٻيون ختم ٿي ويون.

آخر ۾، مقالو اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته ٻولي انساني سڃاڻپ، تهذيب ۽ سماج جو بنيادي ستون آهي. اها نه رڳو اظهار جو ذريعو آهي، پر انسان کي ٻين مخلوقات کان ممتاز پڻ بڻائي ٿي. اسلامي تعليم موجب ٻولي خالق جي عطا آهي، جڏهن ته لسانيات ان کي سماجي ۽ ارتقائي عمل جو نتيجو سمجهي ٿي، ۽ انهن ٻنهي نظرين جي وچ ۾ فڪري بحث جاري آهي.

ٻولي لفظ جو بنياد، ٻول تي آهي ۽ ٻول جي معنى آهي آواز. جيئن ته، ڪائنات جي هر زندهه شيءِ ٻولي ٿي ۽ هر جيو جي وات مان نڪتل آواز کي ٻولي چئبو آهي. ان کان علاوه، ڪائنات جي هر شي الله رحمان ۽ رحيم جو ذڪر ڪري ٿي، ڪيس ان ذڪر جي لاءِ خاص ٻولي عطا ڪيل آهي. پر انسان جي ٻولي هڪ سڌريل ٻولي آهي، جنهن وسيلي هو هر گهڙي الله سبحانه و تعالى جو حمد و ثنا بيان ڪري ٿو، ان سان پنهنجو حال اوري ٿو ۽ ان کان پنهنجي لاءِ ڪاميابي، ڪامراني، تحفظ، رزق، نجات ۽ راحت وغيره گهري ٿو. اهڙي طرح، دنيا جي انسانن کي، الله حڪيم پنهنجو حمد و ثنا بيان ڪرڻ جي لاءِ، نبوت جي سلسلي جي آخري ڪڙيءَ ۾ عربي ٻوليءَ ۾ ٻول مقرر ڪري ڏنا. جي هو هر روز، قرآن پاڪ جي تلاوت، نماز ۽ صبح و شام، کائڻ پيئڻ، مسجد ۽ گهر ۾ اچڻ وڃڻ جي دعائن وغيره ۾ ٻولي ٿو ۽ پنهنجي ”سرجڻهار“ ۽ ”پالڻهار“، ”الله“ ”احسن الخالقين“ ۽ ”مالڪ يوم الدين“ جو ذڪر اذڪار ڪري ٿو.

اسوت حسنه جي اندر، عربي ٻوليءَ جي اهڙن مسنون ٻولن کي ٻولڻ لاءِ هڪ مظبوط نظام نظر اچي ٿو. يعني الله احد جي حمد وثنا، ذڪر اذڪار ۽ دعائن وغيره جو مخصوص نمونو ملي ٿو. جنهن سبب الله جو هر فرمانبردار (مسلم)، امام الانبياء محمد رسول اللهﷺ جي پيروي ڪندي، اهو ورد ورجائي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هو عربي ٻوليءَ سان ڳنڍيل رهي ٿو. جيئن ته سمورا انسان انهيءَ آدم جو اولاد آهن، جنهن جو پهريون تڪيو عرفات جي ميدان ۾ جبل رحمت جي چوٽيءَ تي هو يا سنڌس پهريون گهر مڪي ۾ هو ۽ سنڌس ٻولي عربيءَ جي ابتدائي شڪل ”سرياني“ چئي وڃي ٿي، جا سامي نسل جي زبان آهي. جڏهن ته سام بن نوح، سامي نسل جو وڏو چيو وڃي ٿو ۽ عربي، عبراني ۽ حبشي ٻوليون پڻ سامي نسل جون زبانون آهن.[1]

هاڻي دنيا جي ڪهڙي به ڪنڊ ڳولهيو، ته اتي الله جو فرمانبردار ملي ٿو، جيڪو عربي ٻوليءَ جا ٻول سمجهه توڙي ناسمجهيءَ ۾ ٻولي ٿو، ان مان اها ڳالهه، ثابت ٿئي ٿي ته، عربي زبان، اڄ به دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻولي وڃي ٿي ۽ تقريباً دنيا جي هر ٻوليءَ تي اثر رکي ٿي. پر جن جن خطن ۾ اسلام جو اوج ۽ مسلم رواج آهي، ته اُتي اُتي سنڌس ڪارج عام جام نظر اچي ٿو. تقريباً سموري دنيا ۾ انگريزيءَ جيان عربي ٻولي به، ڳالهائي، پڙهي ۽ سمجهي وڃي ٿي. سنڌي ٻوليءَ تي ان جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. منجهس، هزارن جي تعداد ۾، عربي ٻوليءَ جا لفظ داخل ٿيل آهن. نه فقط لفظَ پر وياڪرڻيءَ جا ڪي اصول ۽ رسم الخط پڻ عربيءَ تان اُڌارا ورتل اٿس. نه رڳو سنڌي زبان تي پر هندي، اردو، فارسي ۽ انگريزي زبانن تي به عربي ٻولي اثر رکي ٿي. البته نج سنڌي آوازن جي سنڌي ٻوليءَ ۾ موجودگي، سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جا نوان در کولي ٿي. اهي نج سنڌي آواز سنڌي ٻوليءَ کي اصلوڪا ۽ قديمي چيا وڃن ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ عربيءَ جي اثر کان اڳ جا تسليم ڪيا وڃن ٿا. جي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي ٻين ٻولين تي فوقيت ڏين ٿا.

علامه عبيدالله سنڌي صاحب، ان کي آسماني ٻولي سڏي ان جي حيثيت کي اجان وڌيڪ نمايان ڪيو آهي. هن ست ٻوليون آسماني چيون آهن. جن ۾ عربي، عبراني ۽ سنڌي ٻوليون شامل آهن [2].

آسمان جي طرف کان آيل ڪتاب ۽ صحيفا اهڙين ٻولين ۾ موڪليل نظر اچن ٿا. جيئن عربي ۽ عبرانيءَ ۾ موجود آهن. البته سنڌيءَ ۾ ڪو صحيفو، اجان منظر تي نه آيو آهي. حضرت آدم عليه السلام جي ٻولي سرياني، ٿي سگهي ٿو ته، انهن ٻين ٻولين ۾ شامل هجي، جيڪي آسماني چيون وڃن ٿيون. پر غور ڪري ڏسبو ته، هر پيغمبر لاءِ چيو وڃي ٿو ته، ان پنهنجي

ڪلمي ۾ لااِلٰہَ اِلااللهُ جا لفظ پڙهايا آهن ۽ حضرت آدم عليه السلام پڻ معراج واري رات، امام الانبياء، محمد رسول اللهﷺ کي سلام جي جواب ڪان پوءِ هيئين لفظن ۾ پليڪار ڪيو. ”مَرحَبا بِالاِبنِ الصَّالِحِ وَالنَّبِيِّ الصَّالِحِ“.(3)

مٿين ڳالهه مان معلوم ٿئي ٿو ته، معراج واري رات، حضرت آدم عليه السلام، امام الانبياء، محمد رسول الله صه جن سان عربي زبان ۾ هم ڪلام ٿيو. جيئن ته، عربي آسماني بولي آهي ۽ آخرت جي بولي پڻ عربي رهندي. ان ڳالهه مان، اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته، دنيا جي پهرين بولي عربي آهي، جا ڪل بولين جي ماءُ آهي، جيڪا سرياني، عبراني ۽ عربيءَ جي صورت ۾ دنيا ۾ ڦرندي رهي، جڏهن سرياني هئي ته، عربي ۽ عبراني ڪونه هيون. بلڪه ائين چئجي ته، بولي اها ساڳي عربي آهي، پوءِ اها ڪڏهن سرياني ته، ڪڏهن عبراني سڏي وئي ۽ آخر ۾ وري عربيءَ جي روپ ۾ سامهون آئي. جو اڄ سرياني ۽ عبراني، دنيا ۾ ڳولهيون نه ٿيون لڀن. عربيءَ جو وسرڳائي، يعني، بغير ’هه‘ جي اُچار وارو سرشتو، ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو ته، وسرڳائي نسل جون بوليون، جن جي آوازن ۾، ’هه‘ جو اُچار اچي ٿو، سي الڳ نسل جون بوليون آهن، جن جو عربيءَ مان بنياد ڪنهن به صورت ۾ ٿي نه ٿو سگهي. ۽ اهو پڻ امڪان موجود آهي ته، بولي اها ساڳي عربي هجي ۽ وسرڳائي آوازن جو سرشتو لهجياتي فرق سبب پيدا ٿيو هجي، جنهن اڳتي هلي الڳ بولين جي صورت اختيار ڪئي هجي. جيئن ته دنيا ۾ بولين جو سلسلو بدلجندو رهي ٿو، جي بوليون ڪنهن وقت ۾ عام جون خاص بوليون هيون، سي دنيا مان غائب ٿي ويون. جيئن سنسڪرت ۽ عبراني وغيره. اهڙيءَ طرح، جيڪي اڄ دنيا جون وڏيون بوليون آهن، تن جو ڪلهه ڪو نقش نگار ئي ڪونه هو جيئن انگريزي ۽ اردو وغيره.

بولين جي تاريخ ان ڳالهه کي واضح ڪري ٿي ته، پهرين بولين ۾ لهجا پيدا ٿيا، جن اڳتي هلي الڳ بولين جي صورت اختيار ڪئي، جيئن گريئرسن انگريز دؤر ۾ اتر سنڌ جي زبان سرائڪي بيان ڪئي آهي. جيڪا اڳ سنڌي بوليءَ جو هڪ لهجو هئي ۽ اڄ الڳ بوليءَ جي حيثيت رکي ٿي. بلڪه اندروني طور تي پڻ ڪيترن ئي لهجن ۾ ورهايل آهي. اهڙيءَ طرح سماجي ارتقا سان گڏ، بولين جي ارتقا به ٿيندي رهي، هڪڙين بولين مان ٻيون بوليون جنم وٺنديون رهيون ۽ بولين ۾ اضافو ٿيندو رهيو، جن مان ڪيتريون بوليون تحرير هيٺ آيون ۽ ڪيتريون ڳالهه ٻولهه تائين محدود رهيون، جيڪي بوليون تحرير ۾ آيون ته، اهي ترقي ڪنديون رهيون ۽ فقط ٻول چال واريون بوليون، پنهنجي ڳالهائيندڙن جي موجودگيءَ تائين رهيون. جن ٻين بولين تي ڪو اثر نه ڪيو ۽ نه ئي وري ڪنهن سان لڳ لاڳاپي ۾ آيون، جي ڪي آيون به ته، انهن ۾ ڪو خاطر خواهه اضافو ڪونه ٿيو. چو ته اهي لکت ۾ نه آيون. جيڪي بوليون تحرير هيٺ آيون، سي پاڻ سنواريندڙيون ۽ سڌاريندڙيون رهيون. بولي جڏهن تحرير هيٺ اچي ٿي ته محفوظ ٿئي ٿي، ان ۾ علم ۽ ادب جو ذخيرو جمع ٿئي ٿو ۽ لفظن ۽ اصطلاحن جا ڍڳ لڳن ٿا.

جيئن ته بولي تهذيب جو خاص عنصر آهي ۽ بغير بوليءَ جي تهذيب نه جڙندي آهي. سنڌي تهذيب جي قدامت پڻ سنڌي بوليءَ جي قدامت کي ظاهر ڪري ٿي.

ڊاڪٽر رفيق احمد سومرو لکي ٿو ته :

”سنڌ جڳن کان ئي سکيو ستابو پريو پاڇيو پرڳڻو رهيو آهي، ۽ تهذيب ۽ تمدن جي دولت سان مالا مال رهيو آهي. جو پراڻي زماني کان ئي مصر ۽ بابل وانگر تهذيب ۽ تمدن جو مالڪ رهيو آهي. باقي هي خيال آهي ته آرين جي اچڻ کان پوءِ ئي تهذيب وارو ملڪ بڻيو، سا ڳالهه درست نه آهي. سنڌ جون ڪي ڳالهيون عيسائين جي انجيل ۾ ته ڪي وري فارسين جي زنداوستا ۾ به آهن“. (4)

ان کان علاوه، ويدن ۾ پڻ ان جو ذڪر ملي ٿو. رگويد ۾ سنڌو درياهه کي شينهن درياهه چيو ويو آهي. سنڌو درياهه جي شروعات ٿبيٽ مان سنگي ڪباب وٽان ٿئي ٿي ۽ سنگي ڪباب جي معنى آهي: ”شينهن جو منهن“(5). جيئن ته، سنڌوءَ جي وهڪري سبب ئي، سنڌ ۾، تهذيب ۽ تمدن جو بنياد پيو ۽ سنڌ مٿي اهو نالو پڻ، سنڌوءَ جي وهڪري سبب پيو. ”آرين کيس اهو نالو ڏنو، جنهن مان سنڌ، هند، اند ۽ انديا جا لفظ جڙيا. عربن ۽ ايرانين ان کي هند اچاريو ۽ يونانين ان کي اند اچاريو، جيڪو بعد ۾ ڦري انديا ٿيو ۽ برطانوي انگريزن ان کي نقطو ڏئي انديا بڻايو“(6).

تهذيب جي تاريخ ان ڳالهه کي واضح ڪري ٿي ته، اجتماعي زندگيءَ جي سلسلي هيٺ، شهرن جو بنياد پيو، جنهن سبب عمارت سازي ۽ صنعت ڪاري جهڙن هنرن ۽ علمن زور ورتو. گڏيل زندگيءَ ۽ هڪٻئي سان لهه و چڙ سبب بولين ۾ اضافو ٿيو، بولين کي تحريري صورت ملي ۽ صورتخطين يا لپين جو بنياد پيو. دريا جي مسلسل وهڪرن ۽ ماڻهن جي جاکوڙ ۽ محنت سبب، شين جي پيداوار ٿي ۽ پيداوار ۾ اضافي سبب، شين جي وٺ واپار جو سلسلو شروع ٿيو. وٺ واپار سبب ماڻهن کي مختلف ملڪن جو سير سفر ڪرڻو پيو، جنهن ڪري مختلف تهذيبن جو ميلاپ ٿيو ۽ انهن هڪٻئي تي پنهنجو اثر ڇڏيو. اهڙيءَ طرح وقت گذرڻ سان انسانن جي آباديءَ ۾ اضافو ٿيندو ويو، نون شهرن ۽ تهذيبن جو سلسلو وڌندو رهيو. انسانن جي هڪٻئي کان دوري سبب سندن بولين ۾ بگاڙ پيدا ٿيو ۽ انهن جا ڪيترائي الڳ لهجا بڻيا ۽ مختلف لهجن ۽ بولين جي ميلاپ سبب مختلف بولين جي تشڪيل ٿي. بولين هڪٻئي تي اثر ڪيا ۽ هڪٻئي کان علم ۽ لغت جو ذخيرو اڌارو ورتو.

ان ڪان سواءِ وقت جي ترقي ۽ تبديلي توڙي زرعي ۽ صنعتي پيداوار سبب نيون نيون شيون ايجاد ٿيون، انهن جا اسم ٻولين ۾ رائج ٿيا. اهي شيون وڻج واپار جي صورت ۾ پنهنجا نالا پاڻ سان ساڻ کڻي وييون ۽ سندن نالا ٻين ٻولين ۾ رائج ٿيا.

جيئن: سنڌوءَ جي وهڪري سبب، سنڌ ۾ زمينون آباد ٿيون، مختلف شيون پيدا ٿيون، زرعي اوزار ايجاد ٿيا ۽ انهن جا اسم سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ٿيا. سنڌ جي طبعي خصوصيتن جي ڪري پڻ سنڌ ۾ شين ۽ جڙي ٻوٽين جي ڪثير تعداد ۾ پيداوار ٿي ۽ انهن جا اسم سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ٿيا. انهن شين جي دنيا جي ٻين پاڱن ڏانهن منتقلي يا وڻج واپار سبب، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو دنيا جي ٻين خطن سان واسطو پيو، سنڌي ٻوليءَ جا اسم ٻين ٻولين ۾ رائج ٿيا ۽ ٻين ٻولين مان لغت جو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيو.

ٻولي علامتن جي تنظيم:

ٻولي هڪ علامتن جي تنظيم آهي، يعني ڪن هٿراڌو مقرر ڪيل آوازي علامتن جي تنطيم آهي. ٻوليءَ جا آواز ڪن هٿراڌو مقرر ڪيل شين جي علامت يا نشاني آهن. يعني ٻوليءَ جا آواز نالا آهن مختلف شين يا جذبن جا. جيئن: قلم، ڪاغذ، گهر، ڪتاب، غم، غصو، خوشي ۽ خوراڪ وغيره. اسان ڪان اڳ گذريل، شروعاتي يا پهرين انسانن، اظهار لاءِ، ٻوليءَ جا ڪي آواز، ڪنهن مخصوص معنى لاءِ مقرر ڪيا ۽ انهن وسيلي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ اهي آواز انهن شين جي علامت مقرر ٿيا. جيئن ”ان“ نالو ان جنس تي رکيو ويو، جنهن مان اسين اٽو ڪري، ماني پچائي کائون ٿا. يا ائين چئجي ته، ان آواز جي اها معنى مقرر ڪئي وئي، يا اهو آواز ان مخصوص معنى جي علامت بڻيو. جيئن گل مان مراد ان اسم جي ورتي وئي، جو ٻوٽن ۾ ڦٽي ٿو ۽ خوشبو ڏئي ٿو. ان کي اسين گل ان جي ڪري ٿا چئون، جو اسان ڪان اڳ گذريل انسانن ان آواز جي اها معنى مقرر ڪئي، يا ان صورت يا شي کي اهو نالو ڏنو. جي اسان ڪان اڳ گذريل انسان، ان اسم لاءِ ڪندي جو آواز مقرر ڪري ها، يا ان جو نالو ڪنڊو رکي ها ته، اسين اڄ ان کي ڪنڊو پڪاريون ها. ان مان اهو ئي واس وٺون ها، جيڪو اڄ گل مان وٺون ٿا ۽ محبوب کي گل جي بدران ڪنڊو چئون ها. ان ڳالهه مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته، گل جو آواز علامت آهي، ان اسم جي جنهن کي اسين گل چئون ٿا. هاڻي هرگهڙي گل اسان جي اڏو ڪونهي، پر گل جي آواز ڪرڻ يا ڪيڻ سان گل جي تصوير اکين ۾ اچي ٿي يا گل گهرڻ سان گل ملي ٿو.

جتوئي صاحب پڻ اها ئي ڳالهه ڪري ٿو ته ”ڪٺ“ ان شيءَ تي نالو رکيو ويو آهي، جنهن تي اسين ويهون ٿا ۽ هنڌ وڇائي سمهون ٿا، ان کي اسين ”اس“ نه ٿا چئي سگهون. ڇو ته اهو ٻوليءَ ۾ اڳ ائين رائج آهي ۽ ٻولي اهڙي ارڏائي برداشت نه ڪندي آهي ۽ پنهنجو رخ پاڻ متيندي آهي.

هو لکي ٿو ته:

”جيڪڏهن ڪو چوي ته: ”يارو، اڄو ته ڪٺ جي بدران اس استعمال ڪريون“ ته ٿي ڪونه سگهندو. هر زبان جو هي معجزو آهي ته جڙتو ۽ هٿراڌو هوندي به پاڻ سان هٿ چراند ڪرڻ نه ٿي ڏئي.“ (7)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، گذريل انسانن جن شين جا جيڪي آواز، يعني اسم يا نالا مقرر ڪيا آهن، ته اهي اسان زوريءَ مٽي نه ٿا سگهون، هڪ جي بدران ٻيو نالو ڪنهن به شيءِ کي ڏئي نه ٿا سگهون ۽ کٽ کي اس چئي نه ٿا سگهون. ٻولي توڙي جو انسانن جي جوڙيل آهي، پر تڏهن به اهڙي مذاق برداشت نه ڪندي آهي. ٻولي وقت ۽ حالت سان پاڻ ۾ بدلاءُ آڻيندي آهي، ڪي لفظ متروڪ ۽ محدود ڪندي آهي ته ڪي نوان رائج ڪندي آهي، پر پوءِ به پنهنجي بنيادي ڍانچي ۾ بگاڙ نه آڻيندي آهي.

ٻولي توڙي جو لهجن جي ڪري آوازن ۾ ٿوري گهڻي تبديلي آڻيندي آهي، پر پنهنجي آوازن جي اصليت نه ڇڏيندي آهي، جيئن ماٺو لفظ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۾ ماڻهو، مارو ۽ مايو اُچاريو ويندو آهي. هاڻي ان اسم جا نعم البدل ته مختلف ٻولين مان ڳولهي سگهجن ٿا، پر انهن نالن جي بدران ڪي ٻيا نالا ڏئي نه ٿا سگهجن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو صاحب پڻ ان ڳالهه جو حمايتي آهي ته ٻولي آوازي علامتن جو هڪ نظام آهي. يعني ٻوليءَ جا آواز اهڃاڻ يا نشان آهن، مختلف شين جا ۽ ٻوليءَ جي آوازن ۾ مختلف معنائون آهن، جيڪي ڪن شين يا جذبن ۽ ڪمن وغيره جي نمائندگي ڪرن ٿا.

ﭸوهيو صاحب لکي ٿو ته:

”ﭸولي‘فونيمن‘جو هڪ اهڃاڻوي“ سرشتو آهي“.(8)

سندس ڏنل بيان مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته، ٻولي آوازن جي علامت آهي، يعني ٻوليءَ جا آواز نالا يا نشانيون آهن مختلف لفظن جون ۽ انهن آوازن ۾ مختلف معنائون رکيل آهن. جيئن ٻلي ڪري آيا ۾ هڪ معنى سمايل آهي ۽ ٻُلي ڪري آيا ۾ ٻي معنى سمايل آهي. مٿين بيانن جي روشنيءَ ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته ٻولي آوازن جي تنظيم ۽ آوازن جي علامت جو نالو آهي ۽ ٻوليءَ جا آواز اهڃاڻ يا علامتون آهن مختلف شين جون.

محمد اسحاق صديقي لکي ٿو ته:

”زبان، فرض ڪيل آوازي اهڃاڻن جو مجموعو آهي. يعني انهن اڪيلن آوازن جي ترتيب سان، جيڪي انسان پنهنجي وات مان ڪڍي سگهي ٿو. انهن مان هزارين پٽا يا مرڪب آواز يا لفظ جڙن ٿا. اهي آواز مختلف شين لاءِ انهن جي نالي طور استعمال ٿين ٿا. انهيءَ جو مطلب اهو هوندو آهي ته انساني حافظو هر انهيءَ شيءِ جي تصوير ڪي تصور جي اک اڳيان آڻي ٿو، جنهن جو نالو ورتو وڃي ٿو. مثال طور اسان جڏهن قلم چئون ٿا ته اسان جي ذهن ۾ قلم جي تصوير اچي وڃي ٿي نه ڪي پينسل جي، پينسل جي تصوير تڏهن سامهون اچي ٿي، جڏهن اسان پينسل چئون ٿا. جڻ ته لفظ انسان جي دماغ ۾ مختلف شين جي صورتن پيش ڪرڻ جا ذريعا آهن. لفظن جي گهڻي يا بار بار استعمال سان اهي تصويرون تحت الشعور ۾ لهيو وڃن ۽ دماغ کي هر پيري انهن جي تصوير ٺاهڻ جي ضرورت نه ٿي پوي.“ (9)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، ٻوليءَ جا آواز مختلف شين جون علامتون يا نشانيون آهن. ٻوليءَ جا مفرد آواز جڏهن مرڪب ٿين ٿا ته انهن مان مختلف آواز جڙن ٿا، جيڪي مختلف شين جي نالن طور ڪم اچن ٿا. جن شين جا اهي نالا مقرر ٿيل آهن، ته اهي نالا انهن شين جي نالي وٺڻ سان ذهن ۾ ان جي تصوير ٺاهن ٿا. چو ته اهي خاص نشاني بڻيل آهن يا مقرر ٿيل آهن، ان شيءِ جي لاءِ. جيئن قلم ۽ پينسل جي نالي وٺڻ سان انهن جو عڪس ذهن ۾ ٺڪي ٿو ۽ ائين ڪونه ٿيندو آهي ته هڪڙي نالي وٺڻ سان ٻيو عڪس ذهن تي اچي، جڏهن ته عڪس ان ئي شيءِ جو ٺهندو آهي جنهن شيءِ جو نالو وٺبو آهي. البته، ڪڏهن ڪڏهن نالي وٺڻ سان عڪس ذهن تي نه ايندو آهي، اهو ان جي ڪري جو شين جي هر هر نالي وٺڻ سان اهي ذهن ۾ محفوظ ٿي ويندو آهن، جنهن سبب انهن جو عڪس نه جڙندو آهي.

مطلب ته ٻوليءَ آوازن جي علامت آهي ۽ ٻوليءَ جا آواز يا لفظ اهڃاڻ ۽ نشانيون آهن مختلف شين جون، جذبن ۽ ڪمن وغيره جون. يعني ٻوليءَ جا آواز يا لفظ، نشانيون مقرر ٿيل آهن مختلف معنائن جون، جن وسيلي انسان هڪٻئي سان رابطو ڪري ٿو ۽ پاڻ ۾ ٻوليءَ جي وسيلي ئي ڳنڍيل رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ٻوليءَ کي سماجي عنصر ۽ تهذيب جي پاڙ سڏيو ويو آهي. ٻوليءَ جي ڪري ئي انسان سڌريل ۽ مهذب سڏجي ٿو، اها ٻولي ئي آهي جيڪا انسان کي ٻي مخلوقات تي شرف بخشي ٿي. ۽ اهو پڻ واضح ڪري ٿي ته، ٻولي خاص انساني خاصيت آهي ۽ ٻي مخلوقات اهڙي سڌريل ٻوليءَ کان عاري ۽ عاجز آهي. البته، ايترو واضح آهي ته ٻولي انسانن کان علاوه الله رب العالمين ۽ فرشتن وٽ به آهي، جو الله تبارڪ و تعالى پاڻ حضرت آدم عليه السلا ۽ فرشتن سان هم ڪلام ٿيو ۽ زمين تي پيغام موڪليا.

ٻولي سماجي عنصر ۽ انساني خاصيت:

جيئن ته سماج، ٻوليءَ جي وسيلي ئي ڳنڍيل آهي، هڪ انسان، ٻئي انسان تائين، پنهنجي ڳالهه، ٻوليءَ وسيلي ئي پهچائي ٿو. چو ته، ٻولي ذريعو آهي اظهار جو ۽ انسان جي سموري ڳالهه ٻولهه ۽ لهه وچڙ ٻوليءَ جي ڪري ئي آهي. اشارن ۽ علامتن واري ٻولي پڻ ٻولي جو هڪ قسم آهي، جيڪو ڪنهن مخصوص اشاري يا علامت سان، ڪنهن مخصوص معنى کي ظاهر ڪري ٿو. اهي اشارا ۽ علامتون لفظن وانگر معنى رکن ٿا ۽ ٻئي تائين ٻوليءَ جي صورت ۾ خيالن جي منتقلي يا پيغام رسائيءَ جو ذريعو ٿي ڪم اچن ٿا. اها ٻولي ئي آهي، جنهن وسيلي، معاشري ۾ وٺج واپار ٿئي ٿو، سياسي ۽ سماجي لاڳاپا قائم ٿين ٿا. مطلب ته ٻولي ۽ سماج پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ نهايت ضروري آهن. جيڪڏهن سماج ۾ ٻولي نه هوندي ته، انساني سماج، انساني سماج نه رهندو، بلڪه هڪ حيواني سماج جو ڏيک ڏيندو. الله رب العالمين، پنهنجي مهر ۽ ٻاجهه سان انسان کي اشرف المخلوقات بڻايو، ان کي ڳالهائڻ سيکاريو ۽ ٻولي ڏني. حضرت آدم عليه السلام جي تاريخ، ان ڳالهه کي واضح ڪري ٿي ته، هو ٻولي آسمان تان پاڻ سان ساڻ کڻي آيو ۽ زمين تي پڻ ڪيس پيغام ملندو رهيو. هاڻي لازم آهي ته پيغام بغير ٻوليءَ جي نه هوندو. مطلب ته، ابتدا ۾ ٻوليون آسمان تان نازل ٿينديون رهيون ۽ وقت گذرڻ سان انهن ۾ بدلاءُ ايندو رهيو. ٻن ٻولين جي ميلاپ سبب، ٽئين ٻوليءَ جنم ورتو. اهڙيءَ طرح نيون نيون ٻوليون پيدا ٿينديون رهيون ۽ ٻولين ۾ اضافو ٿيندو رهيو. ۽ ماڻهو پاڻ ۾ ٻوليءَ وسيلي لهه وچڙ ۽ ڏنڌو ڪاروبار ڪندا رهيا، جنهنڪري ٻولي سماج جو

بنيادي ۽ اهم عنصر بڻيو ۽ بغير ٻوليءَ جي انساني سماج جو تصور بيڪار يا اجايو رهيو. چو ته سماج ٻوليءَ وسيلي ئي پاڻ ۾ ڳنڍيل رهي ٿو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”سماجي گروهه ۾ هڪٻئي جي وهنوار لاءِ انسان جي وات مان اُچاريل آوازن جي سرشتي کي ٻولي چئبو آهي“.(10)

ٻين لفظن ۾ ائين چئبو ته ٻولي انساني آوازن جي تنظيم آهي، ۽ انهن آوازن ۾ اظهار سمايل آهي. اهڙن آوازن وسيلي ئي سماجي گروهه ۾ هڪ انسان، ٻئي انسان سان پنهنجو تعلق ڳنڍي ٿو ۽ انهن آوازن وسيلي ئي پنهنجي دل جي مراد، ٻئي انسان تائين پهچائي ٿو. گويا انساني آوازن ۾ معنى سمايل آهي، جا خيالن جي ڏي وٺ جو ڪم ڏئي ٿي. ان سلسلي تحت، ٻولي سماج جو بنيادي عنصر آهي ۽ سمورو سماج ٻوليءَ وسيلي ئي ڳنڍيل آهي. بغير ٻوليءَ جي انساني سماج جو تصور بيڪار آهي ۽ بغير ٻوليءَ جي انسان ۽ جانور ۾ فرق ڪري نه سگهبو.

جيئن ته ٻوليءَ جا آواز، ٻوليءَ جو بنيادي ايڪو آهن. انهن جي ڳنڍ جوڙ سان ئي ٻوليءَ جو سرشتو قائم آهي. جيئن اکر ملي، لفظ جوڙن ٿا. لفظ ملي جملا ٺاهن ٿا ۽ جملن تي ئي ڳالهه ٻولهه يا لکت وغيره جو بنياد آهي. انساني ٻول مان به مراد آهي: اهي لفظ جيڪي انسان ادا ڪري ٿو، سا ئي انسان جي ٻولي آهي ۽ انسان جون ڪيتريون ئي ٻوليو آهن. ابتدا ۾ آدم گهڻ هو، ته ٻوليون به گهڻ هيون. هينئر آدم گهڻو آهي ته، ٻوليون به گهٽيون آهن. دنيا جي سمورين ٻولين جو وجود، ڪنهن هڪ ئي ٻوليءَ مان گهڙيل يا پيل آهي، ان امڪان کي رد ڪري نه ٿو سگهجي. لسانيات جي ماهرن، سنڌي ٻوليءَ جي لفظ: ماءُ يا امان جو، ٻين ٻولين جي ساڳي معنى واري لفظ سان جائزو ورتوآهي، ته سڀني مغربي ۽ مشرقي ٻولين ۾ ان جو آواز پاڻ ۾ ملندڙ جلندڙ ۽ ڪنهن هڪ ئي نسل مان معلوم ٿئي پيو، جنهن مختلف لهجا اختيار ڪيا آهن. جيئن: اَمَّ، امان، ماءُ، امي، مائي، آئي، مان، ماتا، ميا، مادر ۽ مدر وغيره. ٻولين جي تاريخ، ان ڳالهه کي واضح ڪري ٿي ته، ڪٿي انسان ڪوشش ڪري ڪا نئين ٻولي ايجاد ڪئي، ته ڪٿ ٻن ٻولين جي ميلاپ سان، نئين ٻوليءَ جنم ورتو.

حقيقي معنى ۾ سماج جو سمورو ڪار وهنوار ٻوليءَ تي مدار رکي ٿو، جي ٻولي نه هجي ته جيڪر انساني سماج بيهي رهي، انسان جو ڪاروهنوار منجمد ٿي وڃي. جي ٻولي نه هوندي، ته انسان خيالن جي ڏي وٺ ڪيئن ڪندو؟ يا ته هو گونگن جيئن، اشارن ۽ علامتن جي ٻوليءَ وسيلي، هڪ ٻئي سان رابطو ڪندو. پر ڏسجي ٿو ته انسان کي اظهار لاءِ خالق طرفان ’گويائي‘ خاص تحفو عطا ٿيل آهي. جنهن وسيلي هو خيالن جي ڏي وٺ ڪري ٿو ۽ ڪيس هڪٻئي سان رابطو ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي يا هڪٻئي کي متاثر ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ اهو سڀ ڪجهه انسان ٻوليءَ وسيلي ئي ڪري ٿو.

هاڻي گويائي آهي پر ٻولي ڪونهي، ته ڳالهه چڱ ڪجهه اڻ پوري آهي. چو ته ڳالهائڻ جي لاءِ لفظ گهرجن ۽ لفظن جو تعلق ٻوليءَ سان آهي. لفظن جو باترتيب مجموعو يا آوازن جي تنظيم، سڀ هڪ ڳالهه آهن ۽ ٻوليءَ جي مفهوم کي ادا ڪرن ٿا. پر لفظن جو بي ترتيب مجموعو يا آوازن جو اهڙو مجموعو جيڪو مڪمل معنى کي ظاهر نه ڪري ته، ان کي ٻولي نه چئبو. ٻولي باترتيب لفظن يا اُچارن ۽ آوازن وسيلي ئي ادا ڪئي وڃي ٿي. ٻوليءَ جي آوازن جي ترتيب وسيلي ئي ڪنهن خيال کي ٻئي تائين پهچائجي ٿو. بغير ترتيب جي آوازن جو اجماع پڻ ٻوليءَ جي مفهوم کي ادا ڪري نه سگهندو آهي. جيئن وچڙيل ريل يا ڦاٽل ڪيسٽ جو آواز، سمجهه جي قابل نه هوندو آهي، اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جا بي ترتيب آواز پڻ صحيح مفهوم کي ادا ڪري نه سگهندا آهن. هاڻي الله سائين، انسان کي ڳالهائڻ سيکاريو ته پوءِ اهو بغير ٻوليءَ جي ڪيئن هوندو؟. يقيناَ ڳالهائڻ لاءِ ٻولي کپي ۽ ڳالهائڻ کي ئي ٻولي چئبو.

ڊاڪٽر علينواز جتوئي لکي ٿو ته:

”انساني سماج ۽ حيواني سماج ۾ فرق فقط ڳالهائڻ جو آهي. حيوانن کي به پنهنجون خاص ٻوليون، تنوارون يا رڙيون آهن. جن ۾ تبديليءَ جو عمل ڪونه آهي. سموري دنيا جا هڪ ئي جنس جا جانور هڪ ئي ٻولي ڳالهائن ٿا. جا هو سکن ڪونه ٿا پر کين ذات طور عطا ٿيل آهي. پر ان جي برعڪس انسان ۾ ڪيئي ٻوليون چالو آهن. جن کي سکڻو پوي ٿو.... ٻوليءَ جي اندروني تنظيم ۽ سڻاءَ ۾ ارادي کي ڪوبه دخل نه آهي. ٻوليءَ جي ابتدا جهنگلي آوازن منجهان ٿي“.(11)

سندس ڏنل بيان ٻڌائي ٿو ته، انساني سماج ۽ حيواني سماج ۾ فرق فقط ڳالهائڻ جو آهي. جانورن کي به پنهنجا مخصوص آواز آهن. جن ۾ تبديليءَ جو عنصر ڪونه آهي. (پوءِ ٻولي جي ٻوليءَ ۾ ڪيئن آيو؟) ۽ اها ڳالهه پڻ معلوم ٿئي ٿي ته، سموري دنيا جا هڪ ئي جنس جا جانور هڪ ئي ٻولي ڳالهائن ٿا. جا هو سکن ڪونه ٿا، پر کين ٻولي ذات طور عطا ٿيل آهي. هاڻي جڏهن جانورن کي ٻوليءَ جي ذات ڏنل آهي ته، پوءِ هت هن ڳالهه جي تائيد ٿئي ٿي ته، ٻولي انسان کي خالق طرفان خاص عطيو عطا ٿيل آهي.

ان کان علاوه، اها ڳالهه پڻ معلوم ٿئي ٿي ته، ٻوليون پاڻ مرادو اختيار ڪيل آهن. جنهن ۾ انساني ارادي کي ڪو به دخل نه آهي ۽ ان جي ابتدا جهنگلي آوازن منجهان ٿيل آهي. ان نظري جا پوئلڳ ڊارون جي انساني ارتقا واري نظري جا پوئلڳ آهن. جتوئي صاحب پڻ ان مد ۾ ٻولين جي ابتدا بابت ”هاها“، ”بابا“، ”فافا“، ”فوفو“ ۽ ”ڊنگ ڊانگ“ [12] وارا نظريا ڏنا آهن. اهي نظريا ڊارون جي پيروڪارن جي ايجاد آهن ۽ ڏکن تي مشتمل آهن. ڪين پنهنجي تائيد ۾، ڪا به مستند روايت ڪونه آهي، فقط انساني اندازا آهن. جڏهن ته اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ انسان کي ٻولي خالق جي خاص عطائن منجان هڪ عطا آهي. جيڪا سڌريل صورت ۾ انسان کي ملي ۽ ٻولي خاص انساني خاصيت آهي. انسانن کان علاوه ٻولي فرشتن ۽ جنن کي به ٿئي ۽ اهي پيغمبرن سان هم ڪلامي ٿيا. ان کان علاوه هر جيو کي پنهنجي پنهنجي مخصوص ٻولي آهي، جنهن وسيلي هو هڪٻئي سان رابطو ڪن ٿا. ڪانوَ يا ڪتا به جڏهن پنهنجا مخصوص آواز ڪيندا آهن ته، سندن ولر يا ٽولا جمع ٿي ويندا آهن.

انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ ان کي سڌريل ۾ مهذب پيدا ڪيو ويو. کيس گويائي ۽ ٻولي خاص عطيي طور ڏنا ويا، علم عطا ڪيو ويو ۽ زرين لباس پارايو ويو. ساڻس پالڻهار هم ڪلام ٿيو، فرشتن ساڻس سوال جواب ڪيا ۽ حوا سان پڻ رهاڻيون پئي ڪيائين. زمين تي اچڻ سان مالڪ در ٻاڏايائين، سو سڀ ٻوليءَ جي وسيلي ئي ڪيائين.

ڊاڪٽر علينواز جتوئي لکي ٿو ته:

”ٻوليءَ جون ڪيترين ئي معنائون آهن. لسانيات جي لحاظ سان ٻولي يا زبان جي تعريف، زبان يا ٻوليءَ جي ماهرن هن ريت بيان ڪئي آهي. ”زبان خودبخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهه جا ماڻهو هڪٻئي سان واهپو رکن ٿا. ۽ هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿا. يا زبان پاڻمرادو قبول ڪيل علامتن جي تنظيم آهي“.[13]

سندس ڏنل بيان مان اهو واضح ٿو ٿئي ته، ٻولي آوازن جي تنظيم آهي. پاڻمرادو يا خودبخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جو نظام آهي. ڇو ته ٻوليءَ جي آوازن ۾ معنائون سمايل آهن، جي آواز علامتون آهن انهن شين جون. جيئن ڪتاب چوڻ سان شيءِ ملي ٿي نه ڪي ڪتاب جي تصوير ڏيکارڻ سان.

ٻولي خوبخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جي تنظيم ڪو نه آهي، پر سيکاريل آهي ۽ ڪن خاص مقرر ڪيل آوازي علامتن جي تنظيم آهي. انسان پهريان لفظ جيڪي چيا ته ڪنهن معنى موجب باترتيب چيا يا خالق ان کي جي لفظ چيا سي ڪنهن معنى موجب چيا. ۽ ان ’لا‘ ۽ ’الا‘ جو فرق سيکاريو. ان موجب ٻولي انسان جي تهذيب جي نشاني آهي، جا انسان کي مهذب، سڌريل ۽ اشرف المخلوقات ثابت ڪري ٿي ۽ اهو ٻڌائي ٿي ته، ٻولي آدم کي پيدائش کان ساڻ هئي.

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

”ٻولي آوازن جي تنظيم آهي، جنهن وسيلي سماج پاڻ ۾ ڳنڍيل آهي، انهن آوازن ۾ معنى سمايل آهي، جنهن وسيلي معاشري جو هڪ فرد پنهنجي مدعا ٻئي انسان تائين پهچائي ٿو. حقيقي معنى ۾ ٻوليءَ جي ڪري ئي انساني سماج جو بنياد آهي، بغير ٻوليءَ جي انساني سماج جو تصور ئي بيڪار آهي، ڇو ته زبان جي ذريعي ئي انسان هڪٻئي سان ڳانڍاپو ڳنڍي ٿو، ٻوليءَ جي بنا انساني سماج جو تصور ناممڪن آهي. جيڪڏهن ڪنهن به انساني سوسائٽي کي هڪ بدن ڪري تصور ڪريون ته پوءِ ٻولي انهيءَ جو چڙ تنتي سرشتو آهي. جنهن وسيلي ان جا سمورا جزا هڪٻئي سان رابطو رکن ٿا“.[14]

سندس ڏنل بيان ٻڌائي ٿو ته، ٻولي انساني آوازن جي اها تنظيم آهي، جيڪا انسانن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿي. انساني سماج هڪ بدن مثل آهي ۽ ٻولي ان جون رڳون آهن. جيئن رڳن وسيلي جسم ڳنڍيل آهي، ايئن ٻوليءَ وسيلي سماج پاڻ ۾ ڳنڍيل آهي. ڇو ته ٻوليءَ وسيلي ئي ماڻهو هڪٻئي سان رابطو ڪن ٿا، پنهنجي جذبن جو اظهار ڪن ٿا، سماجي ڪم ڪار اڪلائن ٿا ۽ ريت رواج نباهن ٿا. ٻولين جي وجود متعلق محققن جا مٿي بيان ڪيل قياسي رايا، پيغمبرن جي تعليم جي ابتڙ آهن ۽ انسان کي جانور مان بدلجندڙ ڏيکارن ٿا. جي ان ڳالهه کي درست تسليم ڪجي ته، هڪ سوال انساني ذهن ۾ اُٿي ٿو ته، اهو واقعو فقط هڪ دفعو ڇو ٿيو؟ جڏهن ته ٻولن جو نسل، اجان تائين، ميوزمن جي رونق سميت موجود آهي. پوءِ ٻيهر ان مان انسان ڇو نه ٿو بڻجي؟.

جيئن ته، انسان کي ڪجهه علم عطائي آهي. جيئن، ڏاڏي آدم کي خاص علم عطيي طور عطا ڪيو ويو ۽ فرشتا ان جي سامهون خاموش رهيا. جڏهن ته ”عليم“ اهو اڪيلو ”الله“ آهي، جنهن کي ڪائنات جو ڪل علم آهي. جو ئي هر علم جو عالم، خالق ۽ مالڪ آهي ۽ ان ئي پنهنجن ٻانهن کي پنهنجي خاص رحم سان علم ۽ گويائي عطا ڪري ٻي مخلوقات تي شرف بخشيو. ان کان علاوه، وحيءَ جي ذريعي موڪليل علم پڻ عطائي آهي ۽ اها ڳالهه پڻ مشهور آهي ته، فطرت هر انسان کي

علم عطا ڪندي آهي. اهڙيءَ طرح ڪجهه علم انسان درسگاهن مان حاصل ڪري ٿو ۽ ڪجهه علم پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن مان پرائي ٿو. اڄ جي جديد دؤر ۾ ته علم جي تحصيل جي لاءِ انيڪ ادارا موجود آهن.

حضرت آدم عليه السلام ابتدا کان ئي لکيل پڙهيل ۽ مهذب انسان هو. ڪيس ٻولي ساڻ هئي، پر سندس هٿ جي لکت جو ڪو نمونو سامهون نه آيو آهي. البته، ايترو چيو وڃي ٿو ته، پهريون شعر پنهنجي پٽ هابيل جي غم ۾ مرثيي طور چيائين [15].

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته:

”وڏو مطلب ونجي ته ٻولي انسانن جي وچ ۾ هڪ اظهار جو وسيلو آهي....پر جي ٻوليءَ جو سڌريل پهلو ڏسجي ته معلوم ٿيندو ته ٻولي سڌي سنئين هڪ انساني خصوصيت آهي. اها خصوصيت انسان جي امتيازي خصوصيت آهي“.[16]

بيشڪ سچ چيو اٿس ته ٻولي انساني خاصيت آهي، جيڪا ڪيس خالق جي طرفان خاص عطيو عطا ٿيل آهي. الله سائينءَ انسان کي اشرف المخلوقات ڪري پيدا ڪيو ۽ ڪيس گويائي خاص عطيي طور عطا ڪئي. قرآن پاڪ جي سوره الرحمان ۾ الله تعالى فرمايو آهي ته:

”خلق الانسان علم هوالبيان“ [17]، يعني پيدا ڪيم انسان کي ۽ ان کي ڳالهائڻ سيکاريم. هاڻي جڏهن ڳالهائڻ سيکاريائين، ته ان لاءِ ڪي لفظ ڪپن، جي ڪنهن معنى کي ظاهر ڪن، ضرور ڪنهن ٻوليءَ ۾ هوندا. سا ڪهڙي؟ سو هڪ سوال اٿيل آهي. الله سائين انسان کي گويائي عطا ڪئي ۽ ڪيس ٻولي ۽ مخصوص ٻول ٻولڻ لاءِ عطا ڪيا. الله پاڪ پاڻ حضرت آدم سان هم ڪلام ٿيو، ڪيس زندگيءَ جا طور طريقا سيکاريا ۽ دعا جي لاءِ لفظ مقرر ڪري ڏنا، جيڪي قرآن پاڪ عربي زبان ۾ بيان ڪيا آهن، ڇو ته قرآن پاڪ جي ٻولي عربي آهي.

ڪائنات جي خلقڻهار جي ڪائنات ۾ موجود، مخلوقات جو ڪاٿو اندازاً 18000 ڪٿيو وڃي ٿو ۽ هر نوع ۾ ڪيترائي انواع موجود آهن، جن ۾ انسان جو درجو اتم آهي. ڪيس ٻولي سرجڻهار طرفان ٻين ڪيترين ئي عطائن منجهان هڪ خاص عطا آهي. جنهن کان ٻي ساري مخلوقات عاجز آهي. جڏهن ته ٻولي ٻي مخلوقات کي به ٿئي. پر گويائي خاص انساني عطيو آهي ۽ ٻولي حضرت آدم عليه السلام سان گڏ آسمان تان زمين تي آئي. جنهن ۾ ڪيس زندگيءَ جون هدايتون ۽ ڪيل گناهن جي معافيءَ لاءِ خاص دعائون مقرر ڪري ڏنيون ويون ۽ ڏانهس وحي جبريل موڪليو ويو، جيڪو الله جي طرفان پيغمبرن ڏانهن پيغام کڻي ايندو هو. هاڻي پيغام ظاهر آهي ته ٻوليءَ وسيلي ئي ڏيندو. هٿ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اها ٻولي ڪهڙي؟ ۽ ان جي صورتخطي ڪهڙي؟ ڪن محققن ان کي سرياني سڏيو ته ڪن عربي. مطلب ته، اها سامي نسل جي زبان هئي. جيئن ته سرياني دنيا تان مٽجي چڪي آهي ۽ محققن کي اهي ڳالهيون عربيءَ مان معلوم ٿين ٿيون. ۽ اها ڳالهه چئي سگهجي ٿي ته، عربي زبان، سرياني ۽ عبراني زبانن جو جديد روپ آهي.

حوالا:


1. الانا، ڊاڪٽر غلام علي: ”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“، سنڌالاجي، ڄامشورو، 1978، 374- 376.
2. ميمڻ نور احمد: 2004 ”پبلشر نوٽ- سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“، غلام علي الانا، سنڌيڪا.
3. سومرو، علامه محمد قاسم، ”قرآني قصا“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سال ...، ص 734.
4. مگريو، ڊاڪٽر رفيق احمد: ”مقالو- سنڌ ۾ اسلام. سنڌي شخصيتون ۽ سنڌ جي شين جو واهپو“. مهراڻ نمبر 2 / 2014ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ. جلد 64 ص 57.
5. رام امر لعل پنجواڻي ۽ ساوتري ڪوٺو مل منسُکاڻي: ”سنڌ“، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/ حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو ٻيو 2002ع، ص 10.
6. ڏاهر، شاهنواز: ”قديم سنڌ“، سنڌيانا پبلشر، حيدرآباد. سال 2005، ص 43.
7. جتوئي، ڊاڪٽر علينواز: ”علم اللسان ۽ سنڌي زبان“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ٻيو، 1883، ص 15.
8. ٻوهيو الهداد: ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، پهريون. 1978، ص39.
9. صديقي، محمد اسحاق: ”فنِ تحرير جي تاريخ“، سنڌيڪار: غلام حسين رنگريز، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ، 2016، ص 14- 15.

10. الانا، ڊاڪٽر غلام علي. ”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“. انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، 1،1987.

11. حوالو نمبر 7، ڇاپو ٽيون، سال 1996ع، ص 9.

12. ايضاًَ، ڇاپو ٻيو، سال 1883 ص 26- 28.

13. ايضاًَ، ڇاپو ٽيون، سال 1996ع. ص 8.

14. ايضاًَ ص ساڳيو.

15. شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘ ڊاڪٽر: ”سنڌي شاعري ۽ علم عروض“، ترتيب ۽ تدوين: غلام مصطفى ”مشتاق“ ميمڻ، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، سال 2001، ص 19.

16. حوالو نمبر 8، ص ساڳيو.

17. سوره رحمان، آيت نمبر 3-4.